
# شانِ بلالِ حبشي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

19-September-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شانِ بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آب زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)-

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: جنهن قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ۽ ربِ ڪريم جي حمد بيان ڪئي ۽ پوءِ نبيءِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهي ڪري پنهنجي رب کان مغفرت طلب ڪئي، تہ يقينًا ان ڀلائيءَ کي پنهنجي جاءِ تان تلاش ڪري ورتو- (درمنثور،پ۳۰،ذکر دعاء ختم

القرآن ، ۶۹۸/۸)

شافِعِ روزِ جَزا تم پہ کروروں دُرُود    دافِعِ جُملہ بَلا تم پہ کروروں دُرُود

**مختصر وضاحت:** اي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت فرمائڻ وارا ۽ اي هر مصيبت کي دور فرمائڻ وارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ اوهان تي ڪروڙين درود هجن-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**مسئلو:** .نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! اُذکُرُالله، تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هونئن تہ سيني صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا پنهنجا پنهنجا درجا آهن پر انهن مقدس هستين مان حضرت سيدنا بلال حبشي

رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي خاص مقام ۽ مرتبو حاصل آهي، سندن دينِ اسلام جي خاطر تمام گهڻيون تڪليفون برداش ڪيون. خوفِ خدا هجي يا عشقِ رسول، تقوٰي ۽ پرهيزگاري هجي يا عبادت ۽ رياضت، ڪرامت ۽ شرافت هجي يا استقامت، عاجزي ۽ انڪساري هجي يا حسنِ اخلاق، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي ذات ۾ هنن سمورين خوبين جي جهلڪ نظر اينديِ هئي، سندن مقام ۽ مرتبو هي آهي ته غلامن کي سيني سان لڳائڻ واري اسان جي پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وقت به وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جا فضائل بيان فرمايا. اڄوڪي بيان ۾ اسان کين تذڪرو، مختصر تعارف، فضائل خاص ڪري سندن ايمان تي استقامت ۽ عشقِ رسول جا واقعات ٻڌنداسين اي ڪاش! اسان کي سڄو بيان سٺين سنين نيتن سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي. اچو! سڀ کان پهريان حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## حضرت سيّدنا بلال جي آزادي

حضرت سَيدنا عُروه بن زُبير رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا ته هڪ ڏينهن ورقه بن نوفل (جيڪي امّ المومنين حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جا سئوٽ هئا) جو گذر حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ وٽان ٿيو جڏهن ته انهن کي (اسلام آڻڻ جي ڪري) ماريو پئي ويو ۽ اهڙي حالت ۾ به پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ "اَحَدٌ،اَحَدٌ" يعني الله هڪ آهي، الله هڪ آهي جي صدا لڳائي رهيا هئا. ورقه بن نوفل ڏٺو ته چيائين: بلال! الله ئي جو نالو وٺندا رهو، پوءِ اميّه بن خلف جيڪو حضرت سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي ماري رهيو هو، ان جي طرف متوجهه ٿي چيائين: الله جو قسم! جيڪڏهن توهان انهن کي هن ڳالهه تي شهيد ڪري ڇڏيندؤ ته مان رحمت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ (هن جي) مزار ٺاهيندس.

هڪ ڀيري اميرالمومنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو گذر حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ وٽان ٿيو اهي ماڻهو حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ سان اهو ئي ورتاءُ ڪري رهيا هئا ته حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اميّه بن خلف کي فرمايو: هن ويچاري جي معاملي ۾ تون الله کان نٿو ڊڄين. ڪيستائين هن کي تڪليف ڏيندو رهندين؟ اميّه چيو: اوهان

هن کي بگاڙيو آهي، اوهان هن کي هن جي تڪليف کان بچايو جيڪا اوهان ڏسي رهيا آهيو تہ اميرالمومنين حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: مون وٽ بلال کان وڏيڪ تندرست غلام آهي، بلال مون کي ڏيو ۽ اهو توهان ونو. چوڻ لڳو: منظور آهي تہ حضرت سيدنا ابوبڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اميہ کي پنهنجو غلام ڏئي ڇڏيو ۽ حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي خريد ڪري ورتو ۽ ان کي آزاد ڪري ڇڏيائون- (حلية الاولياء،بلال بن رباح ، ١٩٩/١، رقم: ٤٨٦)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ صحابہ!** بڌو اوهان تہ حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي راهِ خدا ۾ ڪيتريون آزمائشون آيون، پر پوءِ بہ باطل جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ نہ جهڪايائون، ڇڻ ان الله وارن جي اها عادت هئي تہ سر ڪٽجي تہ ڀلي ڪٽجي. جان وڃي ٿي تہ ڀلي وڃي پر دينِ اسلام کي ڇڏي ڪري باطل جي اڳيان سر نہ جهڪڻ گهرجي. انهن جو اهو عمل اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو تہ راهِ حق ۾ جيڪڏهن اسان کي سڀ ڪجهہ وڃائڻو بہ پوي تہ وڃائي ڇڏجي پر حق جو ساٿ نہ ڇڏيو وڃي ۽ مضبوطيءَ سان باطل جو مقابلو ڪيو وڃي. دنيا ۾ جيڪڏهن هن جو صلو ڪجهہ نہ ملي پر اهڙن ماڻهن جي يقينًا آخرت سنورجي ويندي آهي، بارگاهِ الاهي مان انعامن جي بارش ٿيندي آهي. حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آخري پساهن تائين اخلاص ۽ استقامت سان دينِ اسلام تي ثابت قدم رهيا، راهِ خدا ۾ جان جي بازي لڳائي ڇڏي پر سندن ثابت قدمي ۾ ذري برابر بہ ڪمي نہ آئي، دينِ اسلام قبول ڪرڻ جي بدلي ۾ مظلومانہ زندگي گذارڻ جي باوجود بہ ڪڏهن زبان تي شڪايت نہ آئي ۽ هڪ طرف اسان محبتِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا معمولي زخمن تي شور مچائيندا آهيون ٿورڙي تڪليف پهچڻ تي بي صبري جو مظاهرو ڪندي نظر اچون ٿا، ٿورو سوچيو! حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ايتري قدر تڪليف برداشت ڪرڻ جي باوجود ڇڻ تہ زبان سان اهو ئي چوندا رهيا تہ ساهہ تہ وڃي سگهي ٿو پر ڪلمو نٿو ڇڏي سگهجي. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرت تي عمل ڪندي زندگي گذاريون، انهن جي قرباني جا

واقعا پڙهي ڪري ۽ انهن جو ذڪر مبارڪ ڪري پنهنجي ايمان کي تازو ڪيون. اچو! سندن ايمان تي استقامت جا وڏيڪ واقعا ٻڌڻ کان پهريان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو تعارف ٻڌون ٿا: جيئن

## مختصر تعارف

حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ قبيلي بني جُمَعَ جا غلام هئا ۽ سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو بلال، والد جو نالو رباح ۽ والدهءِ محترمه جو نالو حمامه آهي. (حلية الاولياء،بلال بن رباح، ۲۰۰/۱،ملخصاً ) سندن ڪنيت "ابوعبدالله، ابو عبد الڪريم، ابو عبدالرحمٰن ۽ ابو عَمرو حبشي آهي"(الاستيعاب فی معرفة الاصحاب، رقم: ۲۱۴،بلال بن رباح، ۱ / ۲۱۸) مؤذنِ رسول ۽ سَيِّدُ المُؤَذِنِين جي لقبن سان مشهور هئا جيئن حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: بلال هڪ سٺا انسان ۽ آذان ڏيڻ وارن جا سردا آهن(معجم ڪبير،۲۰۹/۵، حديث :۵۱۱۹)- ★ سندن شمار اسلام قبول ڪرڻ وارن پهرين سعادت مندن ۾ ٿئي ٿو- (صفة الصفوة،۱ /۲۲۷ماخوذا)★ حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اڪيلائي ۾ عبادت ڪرڻ وارا سخاوت ۽ فضل واري، اميرالمومنين حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جا آزاد ڪيل غلام آهن-★پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي دينِ اسلام قبول ڪرڻ جي سبب تمام گهڻو ستايو ويو ★ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا خزانچي هئا- ★ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ وارا، نيڪين ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا ۽ ربّ ڪريم جي ذات تي ڪامل پروسو ۽ يقين رکڻ وارا هئا. (حلية الاولياء،بلال بن رباح، ۱۹۹/۱) پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ اسلام ۾ سچا ۽ پاڪيزه دل وارا هئا- ★منجهند جي وقت جڏهن گرمي تمام گهڻي هوندي هئي ته اميّه بن خلف انهن کي ٻاهر آڻي پنيءَ پر مڪي جي ريتيلي ميدان تي ڪيرائي ڇڏيندو هو پوءِ وڏو پٿر آڻڻ جو حڪم ڏيندو هو پوءِ ان پٿر کي ان جي سيني تي رکيو ويندو هو پر حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ان سخت مصيبت ۾ گرفتار هئڻ جي باوجود "اَحَدَ، اَحَدَ يعني الله هڪ آهي، الله هڪ آهي جي صدا بلند ڪندا رهندا هئا. (حلية الاولياء، بلال بن رباح،۱/ ۲۰۰) ★ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو وصال 20 سن هجري جو ٿيو-(ابن عساڪر،رقم:۹۷۴،بلال بن رباح،۴۴۵/۱۰)

جاہ و جلال دو نہ ہی مال و منال دو
سوزِ بلال بس مری جھولی میں ڈال دو
دنیا کے سارے غم مرے دل سے نکال دو
غم اپنا یاحبیب! برائے بلال دو
ذِکْر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے
میری فُضُول گوئی کی عادت نکال دو

(وسائلِ بخشش مرمم، ۳۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ صبر ۽ وفا جا پيڪر ۽ اسلام جا حقيقي آئينہ دار، اسلام سان محبت ڪرڻ وارا، اسلام جي خاطر پنھنجي جان بہ ڏيڻ جي لاءِ تيار ھئا، اچو! سندن جي ايمان تي استقامت جو ھڪ پيو واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## اسلام جا حقيقي آئينہ دار

حضرت سيدنا عمر بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ھڪ ڏينھن مان حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽان گذريس تہ سندن کي تپيل زمين تي لٽائي سزا ڏني پئي وئي (گرمي جي شدت ايتري ھئي جو) جيڪڏھن ھن زمين تي گوشت جو ٽڪرو رکيو وڃي ھا تہ اھو بہ پچي وڃي ھا، ان حال ۾ بہ سندن زبان مبارڪ تي اھي الفاظ جاري ھئا: مان لات ۽ عزّي(يعني بتن) جي خدائي کي نہ ٿو مڃان. اھو ڏسي بدبخت اميّہ بن خلف سندن سزا ۾ اڃان اضافو ڪري ڇڏيو ۽ سندن ڳلي کي ايتري زور سان دٻايو جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بي ھوش ٿي ويا-

(سبل الھدی والرشاد،جماع ابواب بعض الامور۔۔الخ،الباب الخامس عشر فی عدوان المشرکین۔۔ الخ،۲/۳۵۷)

## ايمان جي اھميت:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلالِ حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي ايمان تي ڪيتري قدر مضبوطي سان قائم هو. ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي ايمان جي حفاظت جي حقيقي طور فڪر نصيب ٿي وڃي. ياد رکو! اڄڪلهہ ڪيئي ڪم اهڙا آهن جن جي ڪري ايمان داءُ تي لڳي ويندو آهي مثال طور ڳانا ٻڌڻ، اهو بہ گناهہ آهي پر ڪجهہ نادان معاذاللّٰہ اهڙا ڳانا جهومي جهومي ٻڌندا پيا آهن جن ۾ ڪفريہ جملا شامل هوندا آهن، افسوس جو ديني ڄاڻ جي گهٽتائي جي ڪري انهن کي هن ڳالهہ جو ڪٿڪو ئي ناهي ٿيندو. اهڙي طرح جڏهن ڪا مصيبت يا پريشاني اچي تہ ڪجهہ نادان شڪوہ ۽ شڪايت ڪندي اهڙا جملا ڳالهائيندا آهن جيڪي ايمان کي داءُ تي لڳائڻ جو سبب بڻجندا آهن. اهڙي طرح ڪي نادان غير مسلم جي نقالي ۾ ايترو اڳتي نڪري ويندا آهن جو انهن جا اهڙا تهوار ملهائڻ لڳندا آهن جيڪي ايمان کي ضايع ڪرڻ وارا هوندا آهن. اللّٰہ پاڪ اسان جي حال تي ڪرم فرمائي. ۽ اسان کي پنهنجي ايمان جي سلامتي جي فڪر عطا فرمائي. هاڻي اسان حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ايمان تي استقامت جي متعلق ٻڌو. اچو انهيءَ باري ۾ وڌيڪ ڪجهہ ٻڌون ٿا.

## ايمان تي استقامت:

اهو بہ منقول آهي تہ حضرت بلالِ حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي دينِ اسلام کان ڦيرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن غير مسلم ٻارڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ٻڌي ڪري ٻارن جي حوالي ڪري ڇڏيندا ها جيڪي سندس کي مڪي پاڪ جي گهٽين چوڪن ۾ گهليندا وتندا ها، پر ان جي باوجود ڪين جي زبان تي"اَحَد، اَحَد" يعني اللّٰہ هڪ آهي، اللّٰہ هڪ آهي، جاري رهندو هو. (مصنف لابن ابی شیبۃ،کتاب الفضائل،باب فی بلال وفضلہ، ۷/۵۳۲، حدیث:۱،ملتقطا)

اِستقامت دِین پر مجھ کو عطا فرمایئے
یا رَسُوْلَ اللہ برائے آلِ یاسر یانبی

اي عاشقانِ بلالِ حبشيرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ! ٻڌو اوهان تہ حضرتِ بلال حبشيرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ دين اسلامَ سان ڪيتري نہ محبت ڪندا هئا، دينِ اسلام جي سربلندي جي

لاءِ پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار هئا، سندن جي زندگي جو اصلي مقصد اهو ئي هو، پاڻ پنهنجي ڪردار سان رهندي دنيا تائين جي مسلمانن ڪي اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ هڪ مسلمان ڪي دينِ اسلام ۽ پنهنجي آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت هجڻ گهرجي. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي خواهشات، مال ۽ متاع، اولاد ۽ قريبي رشتيدارن ايستائين جو پنهنجي جان ڪان بہ وڌيڪ الله ڪريم ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيائون ۽ ان محبت ڪي هميشہ پنهنجي دل ۾ آباد ڪيائون، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس جي عمل سان خوش ٿي ڪري رسولِ خدا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي موقعن تي سندن جي تعريف ۽ توصيف ڪئي ۽ جنت ۾ پنهنجي غلام جي قدمن جي آواز ڪي بہ ٻڌو: جيئن

## قدمن جي آواز:

معراج جي رات جنت جي سير جي دوران نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌو، جنهن جي باري ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌايو ويو تہ اهو حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قدمن جو آواز آهي. ( مشكاة المصابيح ،كتاب المناقب،باب مناقب عمر،٢/٤١٨،الحديث:٦٠٣٧ملتقطا)

سُبْحٰنَ اللّٰــه! قربان وڃجي! بلال حبشي جي شان تي تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غلام جي قدمن جو آواز جنت ۾ ٻڌي رهيا آهن، بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اهو مقام ۽ مرتبو ڪهڙي عمل جي سبب حاصل ٿيو، اچو ٻڌون ٿا: جيئن تہ

## جنت ۾ وڃي ويندڙ عمل:

حضرت سيدنا بريده رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن صبح جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيدار ٿيا تہ بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايائو: اي بلال! ڪهڙي شيءِ توکي مونکان اڳ ۾ جنت ۾ وني وئي؟ اَڄ رات مان جنت ۾ داخل ٿيس تہ مون پنهنجي اڳيان تنهنجي قدمن جو آواز ٻڌو. تہ حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان (وضو ڪرڻ کان پوءِ) هميشہ بہ رڪعتون پڙهي آذان ڏيندو آهيان ۽ جڏهن بي وضو ٿي پوندو آهيان

تہ جلدي مان وضو ڪري وننڊو آهيان تنهن تي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو( سهي!) اهو ئي سبب آهي. (ترمذی، کتاب المناقب، باب فی مناقب ابی حفص۔۔ ۔ الخ، ۵/۳۸۵، حدیث:۳۷۰۹ملتقطا)

اي عاشقانِ صحابہ! اوهان ٻڌو تہ سيدنا بلال حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي نفل نماز جو ڪيترو نہ جذبو هو، جڏهن بہ وضو ڪندا ها تہ ٻہ رڪعت نماز تحية الوضُو ادا ڪندا ها ۽ هڪ طرف اسان پنهنجي ڪردار جي طرف نظر ڪيون تہ اسان جو حال هي آهي جو نفلن سان گڏوگڏ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ بہ سستي ۽ غفلت نظر اچي ٿي. دوستن سان فضول ڳالهين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪري ڇڏيندا آهيون، پر نماز جي خاطر مسجد ۾ وڃڻ جي لاءِ ٽائم ناهي. شادي جي دعوت ۾ بہ ڪلاڪ پهريان پهچي ويندا آهيون، پر نماز جي لاءِ 10 منٽ اڳ وڃڻ جو وقت ناهي، بلڪ هڪ تعداد اهڙي آهي جيڪا مسجد ۾ جيڪڏهن پهچندا بہ آهن تہ عين جماعت جي وقت، جمعي جي ڏينهن عين خطبي جي وقت جلدي جلدي ۾ وضوءَ جا ڦڙا مسجد جي فرش تي ڪيرائيندي جماعت ۾ شامل ٿيندا آهن. حالانڪ مسجد جي فرش تي وضو جي پاڻي جا ڦڙا ڪيرائڻ شرعي اعتبار سان درست ناهي.

اسان غور ڪريون تہ ڪٿي پنهنجي زندگي جي مقصد کي ويساري ڏينهن رات الله پاڪ جي حقن کي ضايع ڪرڻ ۾ تہ نہ گذاري رهيا آهيون؟

ياد رکو! ايمان ۽ عقائد جي درستگي کانپوءِ نماز حقوق الله ۾ سڀ کان اهم حق آهي. جيئن فتاويٰ رضويہ جلد9، ص159 تي آهي: ايمان ۽ تصيح عقائد (يعني ايمان ۽ درست عقائد کي تسليم ڪرڻ) کان پوءِ تمام حقوقُ الله ۾ سڀ کان اهم ۽ عظيم حق نماز آهي. نماز ضايع ڪرڻ وارن کي قبر ۽ حشر ۾ دردناڪ عذابن جو منهن ڏسڻو پوندو. جيئن

## بي نمازي جي سزا:

قيامت جي ڏينهن گناهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان نماز ڇڏڻ وارن جا چهرا ڪارا هوندا ۽ بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کي لَمْلَمْ چيو وڃي ٿو، ان ۾ نانگ آهن ۽ هر نانگ اُٺ جيترو آهي، ان جي ڊيگهہ هڪ مهيني جي راهہ جيتري آهي، جڏهن اهو بي نمازي کي ڏنگيندو تہ ان جو زهر 70 سالن تائين

ان جي جسم ۾ جوش هٽندو رهندو، پوءِ ان جو گوشت ڳري هڏن کان الڳ ٿي ويندو. (کتاب الکبائر،فصل فی المحافظة علی الصلوات والتہاون بہا،ص٢٦)

اي عاشقانِ رسول! خوفِ خدا سان ڏکي وڃو، خوابِ غفلت مان جاڳو ۽ اڄ ئي نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏيو، نہ صرف پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جو معمول بڻايو بلڪ تَحِيّةُ اَلوُضو ۽ ٻين نفلن جي بہ پابندي ڪرڻ جي نيت ڪيو، تَحِيّةُ اَلوُضو جي ترغيب تہ 72 نيڪ ڪمن ۾ بہ شامل آهي. هي نفل پڙهڻ سان اَن نيڪ ڪم تي بہ عمل ٿي ويندو، هونئن بہ نفل پڙهڻ جون ڪيئي برڪتون آهن. اچو! نفل نمازن جي پابندي جو ذهن بنائڻ جي لاءِ 3 فرمانِ مصطفي ٻڌو ٿا: جيئن

## نفلن جا فضائل:

1. ارشاد فرمايائون: جنهن بہ رڪعت نفل ادا ڪيا جن ۾ پنهنجي دل سان ڪجھ گفتگو نہ ڪئي تہ ان جا پويان گناھ بخشيا ويندا.

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص سني طريقي سان وضو ڪري ۽ بہ رڪعتون دلي توجھ سان ادا ڪري تہ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي. (مسلم،کتاب الطھارة ،باب ذکر المستحب عقب الوضوء،ص ١١٨، حديث:٥٥٣)

3. ارشاد فرمايائون: جنهن سني طريقي سان وضو ڪيو پوءِ اٺي بہ يا چار رڪعتون پڙهيائين ۽ ان جا رڪوع ۽ سجود، خشوع سان ادا ڪيا پوءِ الله ڪريم سان مغفرت طلب ڪيائين تہ رب ڪريم اَن جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (مسند احمد ، بقية حديث ابی دَرْدَاء ، ٤٣٠/١٠ ، حديث: ٢٧٦١٦)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت — ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سُنّتیں، وقت ہی پر — ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بلالِ حبشيءَ جو عشقِ رسول

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا پاڪيزه وصف ايتري قدر آهن جو ٿورڙو وقت ان اوصافن ڪي بيان ڪرڻ جي لاءِ

ناڪافي آهي، پر سندن جو هڪ وصف بي مثل ۽ بي مثال آهي ۽ اهو آهي عشقِ رسول، هونئن ته عشقِ رسول، تمام صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي دلين جي ڌڙڪن هو، سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي آقا جي محبت ۾ غلاميءَ ۾ ائين گم رهندا هئا جو انهن کي دنيا جي ڪنهن به شيءِ سان ڪو مطلب نہ هوندو هو. هو سڀ ڪجهه برداش ڪري سگهندا هئا، پر انهن کي ڪڏهن اهو پسند نہ هو جو ڪو سندن آقا جي مبارڪ شان ۾ ٿوري به بي ادبي ڪري، انهيءَ عشقِ ڪامل جي ڪري سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کي دنيا ۽ آخرت ۾ اهڙو مقام ۽ مرتبو ۽ عزت ملي جو انهن جي قسمت تي رشڪ اچي ٿو، هي انهن جي عشق جو ڪمال هو جو مشڪل کان مشڪل وقت ۾ بہ رسول الله سان ملڻ جو شوق انهن کي تڙپائيندو رهندو هو، ايتري تائين جو ساهہ نڪرڻ وقت بہ سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کي پنهنجي محبوب سان ملڻ جي خوشي هئي، اچو! پنهنجي دلين ۾ عشقِ رسول کي وڌائڻ جي نيت سان سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي عشقِ رسول جو اهڙو ئي هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## حضور سان ملڻ جي خوشي

جڏهن مؤذنِ رَسولُ اللّٰه سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ تي نزع جو عالم طاري ٿيو تہ انهن جي گهرواريءَ بيقرار ٿي هي چيو: ”وَاحُزْنَاهٗ“ هاءِ مون تي مصيبت! سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ اکيون کولي ورتيون ۽ بيقرار ٿي فرمايائون ”وَاطَرَبَاهٗ “ واهہ منهنجي خوشي! آخري ڪلما جيڪي پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي مبارڪ زبان مان نڪتا اهي هي هئا غَدًانَلْقَى الْاَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَّحِزْبَهٗ يعني سڀاڻي مان پنهنجي آقا ڪريم حضرت سيدنا محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيني صحابہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْهُم سان وڃين ملندس. (احيا ء العلوم ،ڪتاب ذڪرالموت، الباب الخامس، ۲۳۱/۵)

قسمت مجھے مل جائے بلالِ حبشی کی
دم عشقِ محمد میں نکل جائے تو اچھا

کافُور نہ ہو میرے کفن اور بدن میں
حضرت کا کوئی پسینہ مل جائے تو اچھا

بئي شعر ۾ شاعر جي تمنا آهي تہ جڏهن مان مري وڃان تہ منهنجي ڪفن ۽ بدن ۾ ڪافور جي جاءِ تي رسولِ خدا، تاجدارِانبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪو پسينو ملي وڃي تہ تمام سٺو ٿئي.

**اي عاشقانِ بلالِ حبشي!** ٻڌو اوهان تہ عاشقِ صادق، سيدنا بلالِ حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيترو ڪامل درجي جو عشق هو جو موت کي مسڪرائي ڳلي لڳائي رهيا آهن، هن ڪري جو مرڻ کان پوءِ حضور جي بارگاهہ ۾ حاضري نصيب ٿيندي، جنت ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان ملاقات ٿيندي، سيدنا بلال حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي گفتار ۽ ڪردار سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ سيکاريو تہ عشقِ رسول ئي دينِ حق جي پهرين شرط آهي، سفر جي حالت هجي يا اقامت واري حالت زندگي جا ڏينهن هلي رهيا هجن يا موت جو وقت هجي، مطلب تہ هر جڳهہ هر معاملي ۾ انهن محبتِ رسول کي پنهنجي زندگي جو سرمايو بڻائي رکيو ۽ عشقِ رسول ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو، اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڪيترين ئي صديون گذرڻ جي باوجود بہ سيدنا بلالِ حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عاشقن جي دلين جي ڌڙڪن بڻيل آهن ۽ هڪ پاسي اسان محبتِ رسول جو دعوٰي ڪرڻ وارا! پنهنجي پاڻ تي غور ڪريون تہ صرف زبان جي حد تائين ئي عشقِ رسول جا دعويدار آهيون ۽ ڪردار عشقِ رسول کان خالي آهي،

ٿورو سوچيو! ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا بغير ڪنهن سبب جي ڪنهن سان لڙائي جهڳڙو ڪندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا بدلو وٺڻ جا موقعا تلاش ڪندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا گاريون ڏيندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا تهذيب ۽ اخلاق کي ڇڏي ڏيندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا ڏاڙهي هڪ مُٺيءَ کان گهٽ ڪرائيندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا مسلمانن جون دليون ڏکائيندا آهن؟ ڇا عشقِ رسول جي دعوٰي ڪرڻ وارا غير مسلمانن جي

نقالي ڪند آهن؟ يقينًا نہ ۽ هرگز نہ.
اميراهلسنت بانيءِ دعوتِ اسلامي اهڙن عاشقانِ رسول کي سمجهائيندي ۽ توجهہ ڏياريندي ارشاد فرمائن ٿا!

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
عالموں پر ہنسیں پھبتیاں بھی کسیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سنیں فلم بینی کریں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
بدنگاہی کریں، بد کلامی کریں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
کھائیں رزقِ حرام، ایسے ہیں بد لگام ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
عہد توڑا کریں، جھوٹ بولا کریں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
جو ستاتے ہیں دل دکھاتے رہیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
چغلیوں تہمتوں، میں جو مشغول ہوں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
گالیاں جو بکیں عیب بھی نہ ڈھکیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں کریں غیبتیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هڪ سچي عاشق جي هميشہ ڪان اها ڪوشش هوندي آهي تہ ان جو محبوب ان سان راضي رهي، جنهن جي ڪري اهو مختلف طريقا اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اهو پنهنجي محبوب جي روزانو جي ڪمن ڪي نوٽ ڪندو ۽ پوءِ انهن ڪي پنهنجي دل ۾ سمائي سيني سان لڳائيندو آهي، پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي تمام ڪمن ڪي پنهنجي محبوب جي پسند جي مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ جيڪا شيءِ محبوب ڪي پسند نہ هجي اهو بہ ان ڪي ناپسند ڪندو آهي ۽ جنهن شيءِ ڪي محبوب سان نسبت ٿي وڃي اها بہ عاشق جي نظر ۾ محبوب ٿي ويندي آهي، اهو ئي سبب

هو جو حضرت سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آقا ڪريم، صاحبِ خُلقِ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قبيلي وارن سان بي پناھ محبت ڪندا هئا ۽ انهن جي لاءِ دعائون گهرندا هئا، جيئن

## قريش وارن جي لاءِ دعا ڪندا هئا

حضرت سيدنا عروه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته قبيلي بَنُو نَجّار جي هڪ صحابيه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُما فرمايو: مسجد نبوي شريف جي ويجهو منهنجو ئي گهر بلند(اونچائي وارو) هئو ۽ انهيءَ تي حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فجر جي آذان ڏيندا هئا، هو رات جي آخري حصي ۾ مکان جي ڇت تي اچي ويهي رهندا هئا ۽ فجر جي وقت جو انتظار ڪندا هئا، جڏهن ان کي ڏسندا هئا ته انگڙائي ڏيندي هيءَ دعا گهرندا هئا: اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَحۡمَدُكَ وَاسۡتَعِيۡنُكَ عَلٰی قُرَيۡشٍ اَنۡ يُّقِيۡمُوۡا دِيۡنَكَ يعني اي الله! مان تنهنجي حمد بيان ڪريان ٿو ۽ قريش جي معاملي ۾ تنهنجي مدد گهران ٿو جو اهي تنهنجي دين کي قائم ڪن، ان کان پوءِ آذان چوندا هئا، اهي صحابيه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُما فرمائن ٿيون: خدا جو قسم! منهنجي معلومات ۾ هڪ رات به اهڙي نه آهي جو انهن اها دعا نه گهري هجي. (ابو داود ، كتاب الصلاة ،باب الاذان فوق المناره،٢١٩/١،حديث:٥١٩)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل واقعي مان به ڳالهيون معلوم ٿيون: هڪ هيءَ ته جڏهن آذان کان پهريان قريش جي لاءِ دعائيه ڪلمات چوڻ جائز ۽ سنتِ بلالي آهي ته پوءِ آذان کان پهريان سرڪارِ مدينہ جي لاءِ دعا ڪرڻ يعني درود ۽ سلام پڙهڻ به يقيناً جائز بلڪ گهڻي اجر ۽ ثواب جو باعث آهي.

ٻي ڳالھ اها معلوم ٿي جو حضرت سيدنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آذان کان پهريان پنهنجي لاءِ ۽ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قبيلي وارن جي لاءِ بلا ناغہ دعائيه ڪلمات چوندا هئا. اسان کي به گهرجي ته جڏهن دعا ڪريون ته صرف پنهنجي ئي لاءِ نه بلڪ تمام مسلمانن جي لاءِ دعا ڪريون، چو ته دعا جي قبوليت جي آدابن مان اهو به آهي ته جڏهن اسان پنهنجي لاءِ دعا گهرون ته سيني مسلمانن کي هن دعا ۾ شريڪ ڪريون. اعلي حضرت امام احمد خان

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا تہ جيڪڏھن دعا گھرڻ وارو پاڻ اھڙو آھي جو ان ڪي ڪجھ نہ ڏنو وڃي تہ ڪنھن نيڪ جي صدقي ان کي پنھنجي مراد ملي ويندي.

حضرت سيدنا ابوالشيخ اَصبَھاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه حضرت سيدنا ثابت بناني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کان روايت ڪئي تہ: اسان کي ٻڌايو ويو تہ جيڪو شخص مسلمانن مردن ۽ عورتن جي لاءِ خير جي دعا ڪندو آھي، قيامت ۾ جڏھن انھن جي مجلسن وٽان گذرندو تہ ھڪ چوڻ وارو چوندو: ھي اھو آھي جيڪو دنيا ۾ توھان جي لاءِ خير جي دعا ڪندو ھو، پوءِ اھي ان جي شفاعت ڪندا ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪري ان کي جنت ۾ وٺي ويندا.

قرآنِ ڪريم جي سيپاري 26، سورة محمد، آيت نمبر 19 ۾ سيني مسلمانن جي لاءِ دعا ڪرڻ جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اسۡتَغۡفِرۡ لِذَنۡۢبِكَ وَ لِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ ؕ ترجمو: ۽ اي محبوب پنھنجي خاصن ۽ عام مسلمان مردن ۽ عورتن جي گناھن جي معافي گھر.

حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ھڪ شخص کي اَللّٰھُمَّ اغۡفِرۡ لِیۡ (يعني اي الله! منھنجي مغفرت فرماءِ) چوندي ٻڌو. تہ فرمايائين جيڪڏھن سيني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪرين ھا تہ تنھنجي دعا قبول ٿئي ھا. ( ردّ المحتار، كتاب الصلاة، باب صفة الصلاة، آداب الصلاة، مطلب: في الدعاء بغير العربية،٢/٢٨٦)

اي عاشقانِ صحابہ! اسان کي بہ گھرجي تہ پنھنجي دعائن ۾ پنھنجي سيني مسلمان ڀائرن ۽ دوست احباب خاص ڪري والدين ۽ پنھنجي استادن کي ضرور ياد رکندا ڪريون، ياد رکو! دعا دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ڀلائيون حاصل ڪرڻ جو ذريعو آھي. دعا الله ڪريم کان مناجات ڪرڻ، ان جو قرب حاصل ڪرڻ، ان جي عظيم بارگاھ مان مرادون ماڱڻ جو بھترين ذريعو آھي. دعا بخشش ۽ مغفرت جو پروانو حاصل ڪرڻ ۽ دنيا ۽ اُخروي مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي حل جو نھايت آسان ۽ مجرّب ذريعو آھي. دعا ھڪ بھترين عبادت ۽ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنت آھي. دعا گنھگار ٻانھن جي حق ۾ الله ڪريم جي طرف کان ھڪ نھايت وڏي نعمت ۽ سعادت آھي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ڪم جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دلين ۾ عشقِ رسول، عشقِ صحابہ ۽ اولياء جي شمع روشن ڪرڻ، محبتِ رسول سان دلين کي روشن ڪرڻ، گناهن کان نفرت ۽ ايمان جي حفاظت جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، پنهنجو ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ڪڍي ڪري ذيلي حلقن جي مدني ڪمن ۾ وڏي ڪري حصو وٺو. انهن مدني ڪمن ۾ شموليت جي برڪت سان اسان گناهن کان بچيا رهنداسين، آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو جمع ٿيندو رهندو، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن خوشنصيبن ۾ اسان جو شمار ٿيندو، سني صحبت ميسر ايندي ۽ مدني انعامات تي عمل جو جذبو نصيب ٿيندو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه”72 نيڪ ڪم“ عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان جان ڇڏائڻ جو بهترين نسخو آهن، نيڪ ڪم تي عمل ڪرڻ وارن سان اميراهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن ۽ انهن کي دعائن سان نوازيندا آهن. نيڪ ڪم تي عمل جي برڪت سان خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفي جي دولت نصيب ٿيندي آهي. انهيءَ نيڪ ڪمن مان نيڪ ڪم نمبر43 آهي تہ: اوهان (شرعي مصلحت جي بغير) ڪنهن هڪ يا ڪجهہ ماڻهن سان ذاتي دوستي رکي آهي يا سيني سان هڪجهڙا تعلق رکيا آهن؟

ياد رکو! ڪجهہ مخصوص ماڻهن سان ئي دوستي ڪري صرف انهن سان ئي اٿڻ ويهڻ ٻين ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪوڙ وسوسا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ۽ خاص ڪري دعوت اسلامي جي ذميدارن جي لاءِ هي عمل تنظيمي ڪمن ۾ بہ تمام وڏي رڪاوٽ آهي، هن ڪري ڪڏهن ڪڏهن غيبت، تهمت، ۽ بدگمانين جهڙن باطني گناهن ۾ وڃي پوڻ جو انديشو هوندو آهي، جنهن جي سبب نيڪيون ضايع ٿي سگهن ٿيون، اعمالنامو گناهن کان پرجي سگهي ٿو، تنهنڪري ڪجهہ مخصوص ماڻهن سان ئي تعلقات رکڻ جي بدران سيني سان هڪجهڙو سلوڪ رکو. جيڪڏهن ڪو خوشنصيب الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪنهن سان دوستي ڪري، علمِ دين سکڻ جي لاءِ دوستي ڪري، قافلي ۾ سفر

وغيره جي لاءِ دوستي ڪري، انفرادي ڪوشش ڪري تہ اها الڳ ڳالهہ آهي.
اچو! نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ تي جذبو ماڻڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا. جيئن

## سرسبزءِ شاداب باغ

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: 16 جنوري 2013 تي رات خواب ۾ مرحوم رڪن شوريٰ حاجي زم زم عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زيارت ٿي. ڏسان پيو تہ اهي خوشنما باغ ۾ گلن سان سجايل سيج تي تشريف فرما آهن ۽ ڪجهہ لکي رهيا آهن. مون پڇيو تہ حضور ڇا لکي رهيا آهيو؟ فرمايائون: پٽ! پنهنجي عملن جو محاسبو ڪري رهيو آهيان. مون پڇيو: اوهان کي دنيا مان رخصت ٿيڻ کان پوءِ اهو مقام ۽ مرتبو ڪيئن مليو ۽ اهو خوشنما باغ ڪنهن جو آهي؟ فرمايائين: اهو مقام ۽ مرتبو نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جي ڪري مليو آهي ۽ هي باغ مونکي نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جي بدولت اللّٰه ڪريم جي طرفان تحفي ۾ مليو آهي. پوءِ هڪ آهہ! ڀرڻ کان پوءِ ارشاد فرمايائون تہ ڪاش! منهنجي مرشد(يعني شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) جو هر مريد 72 نيڪ ڪمن جو عامل بڻجي وڃي. انَ ڪانپوءِ مونکي نيڪ ڪمن تي عمل جي ترغيب ڏيڻ لڳا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عشقِ رسول جا واقعا ٻڌي رهيا هئاسين، ايمان آڻڻ ۽ غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ عاشقِ بيمثال حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي زندگي جا حسين ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاريا، يقيناً حقيقي عاشق جڏهن پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري ٿو تہ ان کي هڪ لمحو بہ سڪون ناهي ايندو، اهو محبوب کي ڏسڻ جي لاءِ بيقرار ٿي ويندو آهي، اهو ئي سبب هو جو جڏهن حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال ظاهري ٿيو تہ حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي حالت سندن جي وس کان ٻاهر ٿي وئي، پاڻ مديني جي گهٽين ۾ اهو چوندي

ڦرندا ها تہ اي انسانو! توهان ڪٿي رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو آهي مونکي بہ ڏيکاريو يا مونکي ڪين جو پتو ٻڌايو. انهيءَ غم ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مديني طيبہ مان لڏي ملڪِ شام ڏانهن هليا ويا.

## دربارِ نبوي جو گھرائڻ:

جڏهن حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مدينہ طيبہ مان هجرت ڪري ملڪِ شام جي علائقي"دَارَيَّا" ۾ رهائش پذير ٿيا. تہ هڪ رات خواب ۾ اللّٰه جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٿي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: اي بلال! هي ڪهڙي بي وفائي آهي، ڇا اجا اهو وقت ناهي آيو تہ تون منهنجي ديدار جي لاءِ مديني اچين. عاشقِ بيمثال حضرت سيدنا بلالرَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ غم ۽ خوف واري حالت ۾ اٿيا، سواريءَ تي سُوار ٿيا ۽ مديني منوره جي طرف روانا ٿي ويا. جڏهن مديني طيبہ جي نوراني ۽ پرڪيف فضائن ۾ داخل ٿيا تہ بيقرار ٿي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پرانوار تي حاضر ٿيا، تہ اکين مان لڙڪن جي لاڙ جاري ٿي وئي ۽ پنهنجو چهرو مزارِ پاڪ جي مبارڪ خاڪ تي مَلڻ لڳا، گلشنِ رسالت جا ٻئي مهڪندڙ گل حضرات حسنينِ ڪريمين(حضرت حسن ۽ حسين) رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُما جي اتي تشريف آوري ٿي تہ حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻنهي شهزادن کي سيني سان لاتو ۽ پيار ڪرڻ لڳا. شهزادن فرمائش ڪئي: اي بلال! اسان تنهنجي اها ئي آذان ٻڌڻ جا خواهش مند آهيون جيڪا صبح جي وقت نانا جانصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيبہ ۾ ڏيندا هئا.

حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجدِ نبوي جي ڇت تي ان حصي تي تشريف ڪٽي ويا جتي اهي حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهري ۾ آذان ڏيندا هئا. جڏهن حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ"اللّٰهُ اَكْبَرُ اللّٰهُ اَكْبَرُ" کان آذان جو آغاز ڪيو تہ مدينہ طيبہ ۾ ماڻهو بيتاب ٿي ويا، جڏهن " اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّااللّٰه" جا ڪلما ادا ڪيا تہ ماڻهن جي بيقراري ايتري قدر وڌي وئي جو هر طرف سڏڪن جا آوازاچڻ لڳا پوءِ جڏهن " اَشْهَدُاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰه" تي پهتا تہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کان لاتعلق ٿي ويا، هڪبئي کان پڇڻ لڳا: ڇا رسول اللّٰهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مزارِ پرانوار مان

باهر نڪري آهيا آهن؟
حضور نبي ڪريمﷺ جي وصالِ ظاهري ڪانپوءِ اهلِ مدينہ ۾ ڪڏهن بہ ايترو روج راڙو نہ ٿيو جيترو ان ڏينهن ڏسڻ ۾ آيو.
(ابن عساکر،رقم:۴۹۳،ابراہیم بن محمد ۔۔الخ ،۱۳۷/۷۔فتاوٰی رضویہ ، ۷۲۰/۱۰،مُلَخّصًا)

دنیا کے سارے غم مرے دل سے نکال دو
غم اپنا یا حبیب! برائے بلال دو
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۰۵)

اي عاشقانِ رسول! اها حقيقت آهي جيڪو عشقِ رسول ۾ روئندو آهي، اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، جڏهن حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي سڄي زندگي الله جي محبوب جي عشق ۽ محبت ۾ گذاري ڇڏي تہ رب ڪريم سندن کي دنيا ۽ آخرت ۾ بلند مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو، قيامت تائين اچڻ وارن ماڻهن جي دلين ۾ سندن جي محبت وڌي وئي ۽ حضورﷺ جن پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا اهڙا اهڙا فضائل ۽ مرتبا بيان ڪيا جن کي پڙهي يا ٻڌي سندن جي محبت ۾ اضافو ٿئي ٿو.
پياري آقا، مدني مصطفٰيﷺ جي لاڏلي ۽ پياري صحابي حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو دنيا ۾ ڪيڏو نہ بلند مقام هو، الله پاڪ جي رحمت ۽ مصطفٰي ڪريمﷺ جي صدقي ۾ آخرت ۾ انهن تي ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿينديون، اچو! ان جي متعلق (2) فرمانِ مصطفٰيﷺ ٻڌون ٿا: جيئن

## شانِ بلال بزبان مصطفٰي:

1. اسان غريبن جي آقا، مڪي مدني مصطفٰيﷺ هڪ ڀيري حضرت سيدنا بلال(رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي طرف اشارو ڪري فرمايو: قيامت واري ڏينهن جنتي ڏاچي تي سوار تي آذان چوندا ۽ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًاالرَّسُولُ الله جا ڪلما چوندا تہ تمام انبيا ۽ اِنهن جا امتي بلال کي ڏسي رهيا هوندا. انبياء ۽ شهيدن کان پوءِ سڀ کان پهريان بلال حبشي کي جنتي لباس پارايو

ويندو. (ابن عساکر،رقم: ۹۷۴،بلال بن رباح، ۴۵۹/۱۰،حدیث:۲٦۵۵، ملتقطاً)

2. حضور نبي ڪريم، صاحب خُلقِ عظيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بروز قيامت بلال اهڙي ڏاچيءَ تي سوار ٿي ايندو جنهن جو ڪجائو سون ۽ ياقوت سان مزين هوندو، انهن جي هٿ ۾ جهنڊو هوندو سمورا مؤذن انهن جي پنيان پنيان هوندا ۽ هن طرح بلال جي اڳواڻيءَ ۾ اهو قافلو جنت ۾ داخل ٿيندو ايستائين جو اهو بہ جنت ۾ داخل ٿي ويندو جنهن صرف 40 ڏينهن الله پاڪ جي رضا خاطر آذانون ڏنيون هونديون. (ابن عسا کر،رقم:۹۷۴،بلال بن رباح، ۴٦۰/۱۰، حديث: ۲٦۵۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو هڪڙو وصف هي بہ هو تہ هو آذان ڏيندا ها. آذان ڏيڻ ڏاڍو پيارو عمل آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ رضاءِ اِلاهي جي لاءِ موقعو ملڻ تي اها سعادت بہ حاصل ڪندا ڪريون. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جن ۽ انسان ۽ جيڪا بہ شيءِ مؤذن جو آواز ٻڌي ٿي بروزِ قيامت ان جي گواهي ڏيندي. ( بخاری، کتاب الاذان، باب رفع الصوت بالنداء، حديث:٦۰۹، ۲۲۲/۱)

اهڙي طرح امامت ڪرڻ بہ تمام وڏي سعادت آهي. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن ٽي شخص مشڪ جي دڙن تي هوندا، نہ ئي اهي غمگين ٿيندا ۽ نہ ئي گهبراهٽ جو شڪار جڏهن تہ ماڻهو گهبراهٽ ۾ هوندا. انهن مان هڪ اهو شخص بہ آهي جنهن قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪئي پوءِ رضاءِ اِلاهي جي خاطر ثواب جي اميد تي ڪنهن قوم جي امامت ڪئي. ( معجم الکبیر، ۱۲/ ۳۳۱، حديث:۱۳۵۸۴)

الله پاڪ اسان کي هنن ٻنهي سعادتن کي ماڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ امامت ڪورس

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرت طيبہ مان حصو ماڻڻ ۽ پنهنجي دلين ۾ عشقِ رسول کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ جي لاءِ 107 شُعبن ۾ دينِ متين جو ڪم ڪري رهي آهي، انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس امامت ڪورس“ بہ آهي- امامت هڪ اهڙو مقدس شعبو آهي جو هر شخص دل سان ان جي قدر ڪندو آهي- اميراهلسُنَّت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: امامت اسلام جي بهترين خدمت ۽ رزقِ حلال جي حصول جو عظيم ذريعو آهي- ”مجلس امامت ڪورس“ جي ذمہ دارين ۾ اهو بہ شامل آهي تہ اها اندرونِ ۽ بيرونِ ملڪ جي مسجدن جي لاءِ اهل ۽ ذمہ دار امام ۽ مؤذن مهيا ڪري- اها مجلس هن ڳالهہ کي يقيني بڻائيندي آهي تہ دعوتِ اسلامي جي تحت ذميداريون سرانجام ڏيڻ وارا امام سڀئورا امامت ۽ نماز بابت بنيادي فرض علوم کان مڪمل آگاهي رکندا هجن، اهي متقي هئڻ سان گڏوگڏ باعمل بہ هجن، دِين ۽ مسلڪ جو درد رکڻ وارا هجن، مدني مرڪز جي طريقِ ڪار جي مطابق 12 مدني ڪمن جون ڌُومون مچائڻ وارا هجن- امام سڀئورا سنو بيان ڪرڻ جي صلاحيت، عقائد ۾ پختگي، امامت ۽ خطابت جي اهليت، تجويد ۽ قراءت سان تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي صلاحيت سان مالا مال هئڻ سان گڏوگڏ حُسنِ معاشرت سان زندگي گذارڻ وارا هجن- ان ڪري امامت ڪورس ۾ بنيادي عقائد، نماز ۽ امامت بابت ضروري فقهي مسئلا، تجويد ۽ قرأت ۽ اخلاقيات سيکارڻ سان گڏ تنظيمي تربيت جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه امامت ڪورس جي برڪت سان ڪيئي افراد پنهنجون نمازون درست ڪرڻ سان گڏ امام بڻجي رخصت ٿيندا آهن ۽ معاشري ۾ عزت جو مقام ماڻيندا آهن- لھٰذا جنهن کي موقعو ملي ان کي ضرور امامت ڪورس جي ذريعي علمِ دين حاصل ڪرڻ گهرجي-

الله ڪريم دعوتِ اسلامي جي تمام مجلسن کي اجا وڌيڪ ترقيون ۽ برڪتون عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ختم ڪندي شڪر جي باري ۾ ڪجھ مفيد ڳالهيون بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو.

پهريان 2 فرمانِ مصطفٰي ملاحظ ڪيو: (1) ارشاد فرمايائون: الله پاڪ کي اهو پسند آهي تہ ٻانهو هر گرهہ ۽ ڍڪ تي الله ڪريم جو شڪر ادا ڪري. (مسلم،کتاب الذکر والدعاء، الخ، باب استحباب حمد اللہ۔۔۔الخ،ص۱۱۲۲،حدیث۶۹۳۲) (2) ارشاد فرمايائون: توهان کي گهرجي تہ زبانون ذڪر ۽ دليون شڪر سان آليون رکو. (شعب الایمان،باب فی محبۃ اللہ،فصل فی ادامۃ ذکر اللہ،۴۱۹/۱،حدیث:۵۹۰،ملتقطاً) ❁ شڪر اعلي درجي جي عبادت آهي. ( شکر کے فضائل،ص۱۲)❁ الله پاڪ جي نعمتن تي شڪر ڪرڻ واجب آهي. (خزائن العرفان،پ۲،البقرہ ،تحت الایۃ:۱۷۲) ❁ شڪر جي توفيق عظيم سعادت آهي. (ایضاً ،ص۱۲) ❁شڪر ۾ نعمتن جي حفاظت آهي. (ایضاً ،ص۱۲) ❁ شڪر ئي سان نعمتون وڌنديون آهن. (ایضاً ،ص۱۲) ❁شڪر الله وارن جي عادت آهي. (ایضاً ،ص۱۲)❁ نعمت ملڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ جي صورت ۾ ٻانهو عذاب کان محفوظ رهندو آهي. (صراط الجنان ،۴۰۶/۴) ❁عبادت بنا شڪر جي مڪمل ناهي ٿيندي. (بیضاوی،۴۳۹/۱، پ۲، البقرہ ،تحت الایۃ:۱۷۲) ❁شڪر تمام عبادتن جي اصل آهي. (تفسیر کبیر،۱۹۱/۲ پ۲،البقرہ ،تحت الایۃ:۱۷۲) ❁ حضرت سيدنا ابوبڪر شبلي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: شڪر اهو آهي تہ نظر نعمت عطا ڪرڻ واري تي هجي نہ ورِي نعمت تي. (احیاءالعلوم،کتاب الصبروالشکر،۱۰۳/۴) ❁حضرت سيدنا سليمان واسطي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ سان دل ۾ الله پاڪ جي محبت پيدا ٿيندي آهي. (تاریخ مدینہ ابن عساکر،۳۶ /۳۳۴، حدیث: ۴۱۳۳)❁ حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي نعمتن کي شڪر جي ذريعي محفوظ ڪري ونو. (حلیۃ الاولیا،۳۷۴/۵،حدیث: ۷۴۵۵)❁ امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: دل جو شڪر اهو آهي تہ نعمت سان خير ۽ نيڪي جو ارادو ڪيو وڃي. زبان جو شڪر اهو آهي تہ ان نعمت تي الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء بيان ڪئي وڃي.❁ باقي اعضاء جو شڪر اهو آهي تہ الله پاڪ

جي نعمتن کي الله پاڪ جي عبادت ۾ خرچ ڪيو وڃي ۽ انهن نعمتن کي الله پاڪ جي معصيت ۾ صرف تيڻ کان بچايو وڃي.۞ اکين جو شڪر اهو آهي تہ ڪنهن مسلمان جو عيب ڏسي تہ ان تي پردو وجهي. (احياء العلوم ،کتاب الصبروالشکر،الرکن الاول فی نفس الشکر ،بیان فضیلۃ الشکر،۱۰۳/۴، ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَ الله! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو: "خوش قسمت ڪير؟". يقيناً اڄ هرهڪ خوش قسمتي جا پنهنجا پنهنجا طريقا ناهيو وينو آهي. پر حقيقي خوش قسمتي ڇا آهي حقيقت ۾ خوش قسمت ڪير آهي. ايندڙ بيان ۾ ان جي متعلق ڪجهه ڳالهيون بيان ڪيون وينديون.لهٰذا! **آئنده جمعرات** بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو:اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ

الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَ عَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَ سَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

هڪ پيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [4]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

4... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد